SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2022

SINDH ACT NO.I OF 2022

سنڌ شاگرد يونين ايڪٽ، 2019

THE SINDH STUDENTS UNION ACT, 2019

فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, Extent and commencement

2.وصف

Definition

3.تعليمي اداري ۾ شاگرد يونين

Student Union in Educational Institution

4.شاگرد يونينز جا ڪم

Functions of the Students Unions

5.ڪنهن عدالت کان متاثهين سرگرمي ۾ ملوث هئڻ

Indulge in any prejudicial activity

6.حڪومت قاعدا جوڙيندي

Government to make rules

7.اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Overriding effect

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 2022

SINDHACT NO.XI OF 2022

سنڌ شاگرد يونين ايڪٽ، 2019

THE SINDH STUDENTS UNION ACT, 2019

[9 مارچ 2022]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ شاگرد يونينز جي قيام ۽ انهن کي هلائڻ بابت موثر نظام فعال ڪيو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ شاگرد يونينز جو قيام ۽ انهن کي هلائڻ بابت موثر نظام جوڙڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, Extent and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ شاگرد يونين ايڪٽ، 2019 سڏيو ويندو.

(2) ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصف
Definition

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي

متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "ڊپارٽمينٽ" مطلب ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ؛
(b)"تعليمي ادارو" مطلب هڪ تعليمي ۽ تربيتي ادارو ۽ جنهن ۾ شامل آهي هڪ يونيورسٽي، ان جا جڙيل ۽ الحاق ٿيل ادارا، هڪ ڪاليج پوءِ اهو پبلڪ سيڪٽر ۾ هجي يا پرائيويٽ سيڪٽر ۾، جنهن بہ نالي سان سڏيو وڃي؛
(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛
(d)"قانون کان مٿانهين سرگرمي" مطلب ڪا سرگرمي جيڪا قانون سان ٽڪراءَ ۾ هجي، سٺي ترتيب يا نظم ضبط جي خلاف هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو قدم، جنهن جو مقدار يا جيڪو:
(i) قانوني ڪارروائي جي لائق آهي يا ڪنهن بہ طريقي ڪنهن تعليمي اداري جي نارمل طريقي ڪم ڪرڻ ۾ ڪنهن طرح مداخلت ڪري ٿو؛
(ii)ڪنهن تعليمي اداري جي شاگردن جي ڪنهن گروپ، درجي يا باڊي ۾ غير يقيني يا نفرت جو سبب بڻجي ٿو يا پيدا ڪري ٿو؛
(iii)شاگردن ۽ عملي وچ ۾ دشمني يا نفرت جي احساسن کي هٿي وٺرائي ٿو يا ڪنهن تعليمي اداري جي عوام يا شاگردن جي والدين لاءِ خوف جو سبب بڻجي ٿو يا چتاءُ ڏئي ٿو يا ڪنهن تشدد جو سبب بڻجي ٿو يا طاقت جو استعمال ڪري ٿو؛

طاقت جو ڏيکاءُ ڪري ٿو ڪنهن تعليمي اداري ۾ يا تعليم جي بهتر نموني هلڻ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو ۽ تعليمي اداري ۾ غير نصابي سرگرمين ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو؛

(iv) ڪنهن تعليمي اداري يا تعليمي اداري سان جڙيل يا لاڳاپيل ڪنهن بي عمارت يا جڳهه جي احاطي اندر اسلحي، هٿيارن، اميونيشن يا ڌماڪيدار مواد جمع ڪرڻ، رکڻ يا کٽڻ جو سبب بڻجي ٿو؛

(v) ڪنهن تعليمي اداري ۾ هڙتال جو سبب بڻجي ٿو يا عملي يا ڪنهن تعليمي اداري جي بئي ڪنهن ملازم کي ڪنهن خطري جو سبب بڻجي ٿو؛

(e) "شاگرد" مطلب ڪو شخص جيڪو تعليمي اداري ۾ انرول ٿيل هجي ۽ پڙهي رهيو هجي ۽ ان ۾ شامل ناهي اهو شخص جيڪو تعليمي اداري جو شاگرد هيو يا جيڪو انرول ٿيل ناهي يا تعليمي اداري ۾ ڪو سيمسٽر يا ڪورس نہ وٺي رهيو آهي؛

(f) "شاگرد يونين" جنهن ۾ شامل آهي باڊي يا ڪنهن تعليمي اداري جي شاگردن جي ايسوسيئيشن، ڪنهن بہ نالي سان هجي، جيڪا پنهنجي ميمبرن جي شاگردن طور تعليمي، ڊسيپلينري، غير نصابي يا تعليمي اداري ۾ شاگردن جي معاملن سان لاڳاپيل بين معاملن ۾ عام مفادن کي هٿي وٺرائيندي هجي.

تعليمي اداري ۾ شاگرد يونين

3.(1) هر تعليمي اداري ۾ هڪ شاگرد يونين هوندي جيڪا

Student Union in Educational Institution

تعليمي ادارن جي هونهار شاگردن تي مشتمل هوندي.

(2) شاگرد يونين ست کان يارنهن نمبرز تي مشتمل هوندي جيڪي مخصوص تعليمي اداري جي شاگردن طرفان چونڊيا ويندا.

(3) هن ايڪٽ ۾ ڄاڻايل اصولن موجب، هر تعليمي ادارو هن ايڪٽ جي ٻن مهينن اندر ضابطا ۽ شاگرد يونين جي ڪاروهنوار لاءِ طريقيڪار جوڙيندو.

(4) تعليمي ادارو هر سال شاگرد يونين لاءِ چونڊون ڪرائيندو.

(5) هر تعليمي اداري ۾ ان جي سنڊيڪيٽ، سينيٽ يا بورڊ ۾ چونڊيل شاگرد يونين جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ نمائندو شامل هوندو.

(6) هر تعليمي ادارو هراسمينٽ خلاف تحفظ لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙيندو، جيڪا جنسي بنياد تي يڪسان هوندي ۽ ان ۾ چونڊيل شاگرد يونين جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ نمائندو شامل هوندو.

شاگرد يونينز جا ڪم

Functions of the Students Unions

4.(1) شاگرد يونين لاڳاپيل تعليمي اداري جي شاگردن جي جائز نمائنده هوندي.

(2)شاگرد يونين:

(i) شاگردن جي سماجي ۽ تعليمي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندي.

(ii) اهو يقيني بڻائيندي تہ سمورن شاگردن جي حقن ۽ مفادن جي باقاعده نمائندگي ۽ تحفظ ٿي رهيو آهي؛

(iii) اهڙا سماجي، ثقافتي، انٽيليڪچوئل يا ٻيا غير نصابي ايونٽس منعقد ڪرائيندي، جيڪي شاگردن جي شخصيت کي نکارڻ ۽ انهن کي ذميدار شهري بڻائڻ ۾ مددگار ٿين؛

(iv) شاگردن ۽ تعليمي ادارن وچ ۾ لاڳاپن کي هٿي وٺرائيندي ۽ مضبوط بڻائيندي؛

(v) ڪنهن مت ڀيد يا ناانصافي جي مخالفت ڪندي ۽ ان کي سامهون آڻيندي، جيڪو شاگردن جي سماجي ۽ تعليمي زندگيءَ ۾ رڪاوٽ وجهي؛

(vi) شاگردن کي ذميدار شهري بڻائڻ، پنهنجي حقن بابت آگاهہ ڪرڻ ۽ انهن جي ملڪ ڏانهن ذميدارين، جيئن اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين، توڙي ٻين قانونن ۾ بيان ڪيل آهي، انهن کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندي؛

(vii) شاگردن، تعليمي اداري ۽ ان جي عملدارن وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندي، جيئن بهترين تعليمي معيار کي حاصل ڪري سگهجي؛

(viii) ملڪ ۾ مختلف دائره اختيارن ۾ چونڊيل شاگردن جي باڊيز وچ ۾ سهڪار ۽ رابطي لاءِ ڪردار ادا ڪندي؛

(ix) تعليمي اداري کي نظم ضبط بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڪندي ۽ اهو پڻ يقيني بنائيندي تہ تعليمي اداري

جي استادن توڙي عملي جي احترام تي سمجهوتو نہ ڪيو وڃي؛

(x)صحت مند بحث لاءِ جمهوري ۽ جامع ماحول يقيني بڻائيندي، جيڪو ہي راءِ جو احترام ڪري؛

(3)شاگرد يونين اهڙيون ٻيون سرگرميون سرانجام ڏيندي جيئن لاڳاپيل تعليمي اداري جي قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

ڪنهن عدالت کان متاثهين سرگرمي ۾ ملوث هئڻ
Indulge in any prejudicial activity

5.(1) ڪو بہ شخص يا شاگرد ڪنهن تعليمي اداري جي احاطي ۾ يا ڪنهن تعليمي اداري سان جڙيل يا لاڳاپيل ڪنهن ٻي جڳهہ تي ڪنهن بہ طريقي ڪنهن عدالت کان متاثهين سرگرمي ۾ شامل نہ ٿيندو.

(2) جيڪڏهن ڪو شخص يا شاگرد ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ان کي لاڳاپيل تعليمي اداري جي ڊسيپلينري قاعدن ۽ ضابطن موجب منهن ڏنو ويندو.

حڪومت قاعدا جوڙيندي
Government to make rules

6.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

اوور رائيڊنگ افيڪٽ
Overriding effect

7.هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اوور رائيڊنگ افيڪٽ هوندو، جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون

جي متضاد نہ هجي.

نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.